INTERNATIONAL PREMIER JOURNAL OF LANGUAGES & LITERATURE (IPJLL)
VOLUME 4, ISSUE 1, 2026 p-ISSN: 3007-2336 e-ISSN: 3007-2344

# CHARACTERS OF SUR DEHAR RELATED WITH SINDH

# (سُر ڏهر ۾ سنڌ سان لاڳاپو رکندڙ ڪردار)

Inayat ullah Nohrio
inayatullahnohri@gmail.com

Subject Specialist (Sindhi), Education & Literacy Department Govt of Sindh.
PhD Scholar, University of Karachi, Karachi.

**Abstract**

Shah Abdul Latif Bhittai is a unique poet of the Sindhi language who has included many topics in his poetry. Due to his wide range of ideas, he is called the crown of poets. One such unique Sur in Shah Latif's poetry is "Sur Dehar", in which many historical characters are mentioned, which are related to the ancient history of Sindh. Such characters of Sur Dehar include Lakho Phulani, Jasodhan Agaryo, Rai Khanghaar and others. The above characters hold special importance among the historical characters of Sindh. Shah Latif has not only mentioned the above characters in Sur Dehar but has also revealed their historical and social significance. According to his thinking, these characters are the ones who shape society and their presence has brought about a kind of prosperity in the society. These characters belong to different geographical regions, such as Budaam, Kutch, Thar and the places associated with the Puraan River. This article presents a study of these characters and the places associated with them.

**Keywords***: Shah Latif, Sur Dehar, Sindhi Classical poetry, characters, Lakho Phulani, Jasodhan, Punro Budamani, Kando, Koonj, Maari, Mach, classical characters.*

**Corresponding Author**: Inayat ullah Nohrio (Subject Specialist (Sindhi), Education & Literacy Department Govt of Sindh. PhD Scholar, University of Karachi, Karachi). **Email: inayatullahnohri@gmail.com**

### سُر ڏهر جو تعارف :

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ دُنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان ڪيترن ئي ڪردارن کي سموهيو آهي. اسان کي اهڙا ڪردار شاهه جي مختلف سُرن ۾ ملن ٿا، جنهن ۾ سر ڏهر خاص طور مشهور آهي. ڏهر، ٿر جي جاگرافيءَ جي حوالي سان پٽن جي وچ واري سخت زمين کي چيو ويندو آهي. ڪلياڻ آڏواڻيءَ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کان ويندي ٻانهي خان شيخ تائين جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالن موجب سر ڏهر چئن کان ويندي اٺن داستانن ۾ ورهايل آهي. هن سُر ۾ موضوع جي حوالي سان ڪيترن ئي قسمن جا بيت آيل آهن. جنهن ۾ دعائيه بيتن کي ٻه شامل ڪري سگهجي ٿو. ڪلياڻ آڏواڻي جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي ۾ سُر ڏهر کي اوڻٽيهون 29 نمبر جڏهن ته محمد عثمان ڏيپلائي طرفان مرتب ڪيل شاهه جو رسالو جنهن جو پهريون ڇاپو مارچ 1951ع ۾ ڇپيو تنهن ۾ هن سر کي چوويهين 24 نمبر تي رکيو ويو آهي. ٻانهي خان شيخ شاهه جي رسالي کي ٽن جُلدن ۾ سهيڙيو، هن محقق سُر ڏهر کي پنهنجي رسالي جي آخري جُلد ۾ 22 نمبر تي رکيو آهي. هن سُر جي فن ۽ فڪر تي گهٽو لکيو ويو آهي. ان سان گڏ هن سُر جي نالي بابت عالمن ۾ گهڻو ئي اختلاف ڏسڻ ۾ آيو آهي. ڪي عالم ان کي راڳ سان گڏ ٿر جي ڪنهن ڏهر سان جوڙين ٿا ته ڪي عالم وري سُر ڏهر کي هڪ سمي سردار ڄام ڏاهر سان لاڳاپي کي ظاهر ڪن ٿا. معمور يوسفاڻي لکي ٿو ته :

”جيئن ته ڄام ڏاهر کي سنڌ توڙي ڪڇ جا ماڻهو ڄام ڏهر ڪوٺيندا هُئا. ان ڪري جڏهن ڄام ڏاهر ’وٽ‘ واري سهڻي علائقي ۾ پنهنجي نالي سان شهر ٻڌايو ته ته اهو شهر به ڄام ڏهر جو شهر سڏجڻ ۾ آيو ۽ گهڻي وقت کان پوءِ ان شهر کي ماڻهن فقط ڏهر ڪوٺيو، جنهن جا آثار ڏيپلي تعلقي جي ٻلهياري ۽ راحمڪي بازار شهرن جي وچ تي موجود آهن. جتان انهيءَ دور ۾، ڀور درياءَ جو وڏو وهڪرو وهندو هو ۽ اهو شهر تمام آباد هو، جيڪو هڪ طرف دريائن سان ۽ ٻئي طرف ’گوڙيءَ جي نار‘ (ڪوريءَ جي نار) سان ڳنڍيل هو.“ (1)

هتي هڪ ئي وقت ڪيترن ئي تاريخي جاين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. معمور جي هن راءِ کان پوءِ اها ڳالهه سمجهي سگهجي ٿي ته هي علائقو ڄام ڏاهر جي بادشاهي ۾ هو. ڄام ڏاهر جي زماني ۽ ان وقت جي سياسي توڙي

سماجي حالتن بابت تاريخ خاموش آهي. پر اها ڳالهه سمجهي سگهجي ٿي تہ هن سُر ۾ ٿر ۽ ڪڇ سان لاڳاپيل ماڳن، مڪانن ۽ ڪردارن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪڙن عالمن (جنهن ۾ ڪلياڻ آڏواڻي، غلام مصطفي ميمڻ مشتاق ۽ ٻيا) جن جي راءِ آهي تہ هن سُر تي اهو نالو ان ڪري رکيو ويو آهي جو ٿر جي ڪنهن ڏهر وچان لنگهندي شاهہ سائين کي جيڪي خيال آيا تن کي هن سُر ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي، پر ٿرپارڪر سان واسطو رکندڙ نوجوان محقق ڊاڪٽر ڦُلو سندر ميگهواڙ ان ڳالهہ سان اختلاف رکندي پنهنجي راءِ ۾ لکيو آهي تہ :

”اها ڪهڙي ڳالهہ ٿي جو شاعر جنهن جڳهہ تي ويٺو هُجي، سُتو هجي يا ڪو ڪم ڪندو هُجي، پنڌ ۾ هُجي، تہ ان کي جيڪي خيال اچن ٿا، تہ ان جي جڳهہ جي نالي پويان انهيءَ سُر جا صنف جو نالو رکجي. جيڪڏهن ائين هجي تہ پوءِ سُر پوٺو، سُر ٻيڙي، سر گهوڙي، سُر ڪراڙ، سُر پيٽ وغيره بہ هجڻ گهرجن. جو شاهہ صاحب کي انهن جڳهن تي هوندي خيال آيا هوندا. ۽ ٻي ڳالهہ تہ ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ شاعر کي ڪهڙو خيال ڪهڙي جڳهہ، ڪهڙي حالت ۽ ڪيفيت ۾ آيو آهي، اهو تہ شاعر جو اندروني معاملو آهي. تہ هو ڪهڙي ڪيفيت جو اظهار ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪيئن ٿو ڪري. اهو انهي جو تخيل هوندو آهي، تہ جيڪڏهن هو ڪنهن واقعي کي تمثيل طور پيش ڪري ٿو، تہ ضروري ناهي تہ هو انهيءَ واقعي جو اکين ڏٺو گواهہ هُجي ۽ جتي واقعو رونما ٿئي ٿو، اتي ئي تہ پهہ شاعري ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي،(اهو تہ لوڪ ادب جي صنف ’واقعاتي بيت‘ ٿيا) ۽ پويان ٻيا وري انهيءَ شاعريءَ کي انهيءَ هنڌ يا جڳهہ جي نالي جي عنوان سان سجاڻين. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پيٿائي ڪربلا جو ميدان نہ ڏٺو ۽ نہ سسئيءَ سان گڏ پنڌ ڪيائين، نہ سُهڻيءَ سان گڏ گهڙو ڪٽي درياهہ ۾ گهڙيو وغيره، ۽ نہ ئي انهن سُرن جا نالا ماڳن جي حوالي سان آهن.“ (2)

مٿين راءِ مان هن ڳالهہ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب هن سُر جي نالي بابت پنهنجو اختلاف رکيو آهي. اها ڳالهہ بہ سمجهي سگهجي ٿي تہ هي سُر نہ صرف ٿر سان لاڳاپيل آهي، پر هن ئي سُر ۾ ڪيترن ئي تاريخي واقعن طرف بہ اشارو آهي. هي سُر مجموئي طور گهڻا رُخ رکي ٿو. جيئن ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر هن سُر جي تاريخي پسمنظر ۾ لکي ٿو تہ :

”شاهه صاحب جو سمورو تاريخي ڪلام ان ڳالهه جي دلالت ٿو ڪري ته شاهه سنڌ جي ان وقت ۾ مروج زندگي جي دستورن، معاشيات جي ذريعن، ان وقت تاريخي ڏارا ۾ ٿيندڙ ڏاڍ ۽ جبر، رحم ۽ ڪرم، عدل ۽ انصاف کان مکمل واقف هيو. هن عارف انسان پنهنجي مُلڪ جو هر حصو گهمي ڏٺو هو. ملڪ جي مفلوج معاشي حالتن ۽ سياسي بدحالي، قوم جي بيوسي ۽ اقتدار اعلي جو فقدان هُن اکين سان ڏٺو هو. هي بصيرت افروز انسان جڏهن ٺٽ جي انهيءَ حصي ۾ پهتو جتي ڪيس ’ڏهر‘ ڏسڻ جو موقعو مليو، ته اُن وقت هن صوفي بزرگ کي ڏهر جي آثارن مان ملڪ جي ڪمال زوال جو احساس اجاگر ٿيو.“(3)

مٿين راين جي روشنيءَ ۾ ان ڳالهه جي خبر پئي ٿي ته هي سُر ڪيترن ئي تاريخي واقعن ۽ عروج ۽ زوال واري فلسفي وارين ڳالهين سان پريل آهي. هن مقالي ۾ اسين سنڌ جي انهن ڪردارن جو ذڪر ڪنداسين جن کي شاهه لطيف سُر ڏهر ۾ ڳايو آهي. هن سُر ۾ سنڌ سان لاڳاپيل ڪردارن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا ڪردار اُهي شخصي ڪردار آهن، جن جو نالو وٺي شاهه سائين انهن کي پيش ڪئي آهي. ٻيا وري اُهي ڪردار آهن جن کي علامتي طور پيش ڪيو ويو آهي. ٻنهي حصن جي ڪردارن جو وچور هن ريت آهي.

شخصي ڪردار :

- لاکو ڦُلاڻي
- جسوڏڻ آڳڙيو
- راءِ ڪنگهار
- پُنرو ٻداماڻي

علامتي ڪردار :

- ڪنڌي جو وڻ
- ڪُونج

- سنگھار
- مڇ
- ماري

## لاکو ڦُلاڻي :

هن سُر جي مڪاني ڪردارن ۾ لاکو ڦلاڻي اهم ڪردار آهي جنهن کي شاهه سائين هن سر ۾ ڳايو آهي. سندس نالو ٻن الڳ الڳ نالن سان لوڪ ڪهاڻين جي هيرو طور اچي ٿو. هڪ لوڪ ڪهاڻي لاکي ڦُلاڻي ۽ مهر راڻي جي آهي، جڏهن تہ ٻي ڪهاڻي لاکي ڦُلاڻي ۽ جسمان اوڏڻ جي آهي. سمن جي نسب نامي موجب لاکو ڦل نالي هڪ جاڙيجي (ڄام جاڙي جو اولاد جاڙيجو) سردار جو پُٽ هيو، سندن وڏن کي ڪڇ جي ايراضي وراثت ۾ ملي هئي. اٽڪل 1320ع ڌاري جاڙيجن سمن ڪڇ جي حڪومت راجپوتن کان کسي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ موجب لاکي ڦلاڻي وارو زمانو 1350ع تائين ٿي سگهي ٿو. بلوچ صاحب پنهنجي مضمون ۾ تاريخي حوالا ڏئي لکيو آهي تہ :

”پٽائي صاحب ’لاکي ڦُلاڻي‘ کان سواءِ ٻين سمن سردارن مثال طور ’جکري‘ ۽ ’ابڙي سمي‘ کي بہ ڳايو آهي، جي سنڌ ۾ سمن جي حڪومت يعني تہ اٽڪل چوڏهين صدي عيسوي جي نصف کان اڳ جا هئا. جيڪڏهن اڳ وارو عرصو اٽڪل ڏيڍ سو ورهيہ تسليم ڪجي تہ بہ ٺلهي ليکي لاکي ڦُلاڻيءَ وارو عرصو تخمينا 1200ع کان 1350ع تائين ٿي سگهي ٿو.“ (4)

لاکو هڪ دلير ۽ مهلاڻتو شخص هو پر پيش آيل هڪ واقعي سبب ڏاڙيل ٿي پيو. لوڪ ادب جي روايتن ۾ اچي ٿو تہ ڪڇ جي ريٻارين جي چرچ تي سندس مامي راءِ ڪنگھار لاکي جي ٻن دوستن جيسر ۽ جيسراج جي ماٿهن تي هلان ڪئي ۽ سندن ڪي ماٿهو مارجي ويا ۽ ڪي زخمي ٿيا لاکي کان دوستن جي اها بي عزتي برداشت نہ ٿي، راءِ ڪنگھار کان انصاف پلئہ نہ پيو ۽ هن جهنگ جا وڻ وسايا. اهڙي تاريخي واقعي طرف اشارو ڪندي ڊاڪٽر عبدالحفيظ قريشي پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي مقالي ۾ لکي ٿو تہ :

” اهو لاکو ڦلاڻي سندس سڳي مامي، ڪڇ جي حاڪم راءِ ڪنگهار پاران ڪيل پنهنجن دوستن : جيسي ۽ جيسراج جي مائٽن ۽ ساٿين واري قتل جي فيصلن تي ڪاوڙجي ريٻارين جي مال جو هاٽو ٻٽيو هوءِ سنگهارن جون مينهون ۽ ٻيو مال زوري ڪاهي ويندو هو.“ (5)

لاکو ڦُلاڻي ڪڇ ۾ موجود ڏاڏي آدم جي ٻني واري پاسي ريٻارين ۽ ٻين مالوند ماورئن جي ڳوٺن تي ڪاهه ڪري ڏاڙو هٽي انين جا وڳ ڪاهي هليو ويندو هو. لاکو پنهنجي ڏاڍ مڙسي سبب ڪڇ جي ڪيترين ئي واٽن ۽ لنگهن تي قبضو ڪري چڪو هو، شاهه لطيف انهيءَ تاريخي واقعي کي هيئن بيان ڪيو آهي ته :

رَڙي ريٻارڻ روءِ، اُپي ڏنگر جهل،
پري هتان پل، ڪيترين ئي ڪاهي وئا.

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سُر ڏهر، 22:03)

ڪڇ جي ڪن علائقن کي ڪاچو ۽ ڪوهيار به چيو ويندو آهي. شاهه سائين ڪاچي ۽ ڪوهيار ۾ لاکي جي سرگرمين جو احوال ڏنو آهي، ۽ خاص طور سان اُتي جي رهاڪن سمن ۽ جاڙيجن کي سک سان نه سمهڻ جي هدايت ڪئي آهي.

جاڳو جاڙيجا سمان سُک م سمهو،
پسو آن پاريا، لاکو ٿو لوڙا هٽي.

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سُر ڏهر، 18:03)

تاريخي روايتن ۾ آهي ته لاکي جي مشهوري پنهنجي پيءُ جي نالي پويان ٿي، ۽ ڪڇ جي وڏن وڏن سردارن ۽ پٽيلن لاکي جي دهشت اڳيان سر جهڪائي ڇڏيو هو. هن جي تيزي ۽ ڦڙتيءَ سبب سندس ڏاک ويٺل هُئي. لاکو ڪٿان ڪان ايندو هو ۽ ڪٿان ڪان ويندو هو، تنهن بابت صرف اندزا ۽ انومان ئي لڳائي سگهبا هُئا. سندس تيزيءَ ۽ ڦُڙتيءَ بابت معمور يوسفاڻي پنهنجي ڪتاب ’لطيف جا ٽر تان پيرا‘ ۾ لکيو آهي ته :

”هُن جو هڪ پير ڪڇ ۾ هو ته ٻيو سنڌ ۾، ۽ هن پنهنجي دشمنن تي اهڙي ته تيزي ۽ ڦڙتائيءَ سان حملا ٿي ڪيا جو ’ڪڇ وارن‘ سمجهيو ٿي ته هو سنڌ ڪان ٿو اچي ۽ ’سنڌ وارن‘ سمجهيو ٿي ته هو ڪڇ مان ٿو ڪاهي.“ (6)

انهيءَ دوران سندس پيءُ جي وفات ٿي ۽ لاکو ڏاڙا هڻڻ ڇڏي پُڄ ۾ ڪيرا ڪوٽ نالي هڪ ڪوٽ اڏايو ۽ اتي سڪونت سان رهڻ لڳو. سندس طبيعت ۾ به ڪافي قدر نرمي اچي وئي ۽ سخاوت ڪرڻ جي ڪري سندس نالو ڳائجڻ لڳو. شاهه لطيف جي نظر ۾ سندس سخاوت ۽ رحمدلي ايتري ته گهڻي آهي جو ان جي لوڙين ڇڏڻ سان سنگهارن ۾ سرهائي ٿي وئي آهي، شاهه لطيف جو هڪ بيت آهي ته :

لاکي لوڙيون ڇڏيون سرها ٿيا سنگهار،
چيٽاٽي چوڏار، وانديون وڪ چرنديون.

(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سُر ڏهر، 28:03)

اڳتي هلي راءِ کنگهار سندي ياٽيجي لاکي کي پنهنجي شاطر دماغ جي ذريعي مارائي ڇڏيو، جڏهن ته لاکي ڦُلاڻيءَ جي موت بابت هڪ راءِ اها به آهي ته هو مولراج سولنڪي سان وڙهندي مارجي ويو هو. لاکي جي مارجڻ سان اوڏن ۾ سرهائي ٿي ۽ اهي پنهنجي پنهنجي ماڳن ڏي موٽي آيا ۽ امن سان رهڻ لڳا. لاکي کي هڪڙي گهوڙي هوندي هئي جنهن جو نالو لَکي هو، لاکي ۽ لکي جي مارجڻ سان ڪڇ تان ڏولائو لٿو، شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ انهيءَ واقعي جي شاهدي هينئن ڏني آهي:

لَکِي ۽ لاکو، ٻئي مُئا ٻاجهه ٿي،
قادر لاٿو ڪڇ تان، اديون اولاڪو،
واندين ۾ واڪو، ريباري رهي وئا.

(ٻانهون خان شيخ، سر ڏهر، 14:07)

## جسوڏڻ آڳڙيو:

جسوڏڻ پُٽ مهر جيڪو جسوڏڻ مهڙاٽي جي نالي سان مشهور آهي، شاهه لطيف ڪيس جسوڏڻ راءِ به لکيو آهي. اُهو آڳڙين سمن مان هو، جسوڏڻ پنهنجي وقت جو بهادر ليکيو وڃي ٿو، سندس ڪردار شاهه لطيف کي تمام گهڻو متاثر ڪيو، تنهن ڪري شاهه لطيف به هن ڪردار کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳهه ڏني. محمد حسين ڪاشف سندس ڪردار بابت پنهنجي مضمون ۾ لکيو آهي ته :

”جسودڻ راءِ جي شخصيت کان لطيف ايترو تہ متاثر آهي جو جو ڪنڊي کان ان بابت پڇي ٿو ۽ ڪيس ڏوراپو ڏيندي چئي ٿو تہ تون اجا بيٺو آهين ۽ انهيءَ سور ۾ سُکو نہ آهين. پرين پڄاڙان سُکي پانگهو نہ ٿيو آهين. اهو سڀ جسودڻ جهڙي مانائتي شخصيت جي انهيءَ پيار ۽ ان جي اڏول شخصيت ڏانهن ان جو ڌيان ڇڪائڻ آهي. جنهن لاءِ لطيف کي دل ۾ هڪ قسم جي انسيت نظر اچي ٿي.“ (7)

شاهہ لطيف جو هي بيت مٿين صورتحال کي اجا بہ وڌيڪ چٽائيءَ سان بيان ڪري ٿو تہ :

تو جي هٿڙو سور، ڪنڊا ڊور ڏٺين جو،
مٿي لامن پور، موري ميجر نہ ڪريين.

(ڀانهون خان شيخ، سر ڏهر، 05:01)

جسوڏڻ وٽ ان زماني ۾ تازيئن گهوڙين جا ڪيئن طنبيلا موجود هوندا هئا. انهي جي شاهدي شاهہ سائين هيئن ڏني آهي.

جڏهن ڊاڳي ڊور، ٻئي وهن ٻليار ۾،
تڏهن تازيين تور، هو جسوڏن سين.

(ڀانهون خان شيخ، سر ڏهر، 15:01)

ڊاڳي ۽ ڊور بہ وهڪرا هئا جيڪي هاٽوڪي ٽر مان وهي ڪڇ ۾ ڇوڙ ڪندا هئا. هتي شاهہ لطيف نہ صرف هڪ ڪردار جي ڳالهہ ڪئي آهي، پر ان سان گڏ ان وقت جي درياهي وهڪرن کي بہ بيان ڪيو آهي. هيٺين بيت ۾ شاهہ لطيف ان وقت بابت بہ ڪنڊي کان پڇي ٿو تہ :

ڪنڊا تون ڪيڏو، جڏهين پريو ئي ڊور وهي،
جسودن جيڏو، تو کو ڏٺو پهيڙو.

(ڀانهون خان شيخ، سر ڏهر، 06:01)

توڙي جو هن وقت اهي وهڪرا ختم ٿي چڪا آهن، پر جڏهن شاهہ لطيف ٿر ۾ آيو هوندو تہ ماڻهن جي واتان انهن وهڪرن جو ذڪر ضرور ٻڌو هوندو هئائين ۽ ان کان پوءِ ئي مشاهدو ڪري انهن شين کي پنهنجي ڪلام ۾ جڳهہ ڏني اٿس.

## راءِ کنگهار:

سمن جي دؤر ۾ ننڍن ننڍن راڄواڙن جو ذڪر ملي ٿو. اهڙي ئي راڄواڙي ڪڇ جو مالڪ راءِ ڪنگهار به هو. تاريخي حوالن موجب هُو 1540ع ڌاري ڪڇ جي ڪنهن حصي تي حڪومت ڪندو هو. شاهه لطيف هن ڪردار جو ذڪر سر ڏهر ۾ ثانوي طور ڪندي لاکي ۽ راءِ ڪنگهار جي جهيڙي کي سر ڏهر ۾ ڳايو آهي. لاکي ۽ سندس جهيڙي بات معلومات ملڻ کان پوءِ سندن جهيڙي کي حڪومتن جي ويڙهه سمجهي سگهجي ٿو.

هن ڪردار بابت تاريخي حوالا خاموش آهن پر معمور يوسفاڻي پنهنجي مضمون ۾ ڪيس لاکي ڦلاڻي کي قتل ڪرائيندڙ طور درج ڪيو آهي. شاهه لطيف شاهه لطيف موجب لاکو ڦلاڻي، راءِ ڪنگهار جون مينهون به ڪاهيون هُيون، سر ڏهر جو هڪ بيت آهي ته:

لاکو نه لاهي، هني متي هٿڙا،
گهونيريان گهير ڪري، اُپو ئي آهي،
وڃئو سو ڪاهي، خاصيون جي ڪنگهار جون.
(نبي بخش بلوچ، سر ڏهر، 14:03)

شاهه لطيف جي هن بيت سان ان ڳالهه جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان وقت راءِ ڪنگهار ۽ لاکي ڦُلاڻيءَ جا تعلقات ڪيترا خراب ٿي چڪا هُئا. 'هني مٿان هٿڙا نه لاهڻ' جو مطلب هر وقت گهوڙي جي سواري لاءِ تيار رهڻ ۽ اهڙيون وارداتون ڪرڻ جنهن سان راءِ ڪنگهار کي نقصان ٿئي. انڪري هو هر وقت راءِ ڪنگهار جون جيڪي به ڀليون مينهون هيون سي ڪاهي ويندو هو.

## پُنرو ٻُڌاماڻي:

شاهه سائين جي هن سُر ۾ هڪ ٻيو وطن دوست ڪردار ٻداماڻي پُنرو به آهي، جنهن کي سنڌ جو سپوت چئجي ٿو، ڪيس ارغونن دوکي سان مارايو هو. ٻداماڻي پُنرو پُراڻ جي ڪنڌي تي آباد ٻرڙائي ڪوٽ ۾ رهندو هو، سندس زماني ۾ ڪنهن کي به ڪنهن سان ڏاڍائيءَ جي اجازت نه هئي. سندس زماني بابت معمور يوسفاڻي لکيو آهي ته:

”پونرو ولد ٻُدامر چنو، مشهور پهلوان ۽ سورهيه سردار هو. سنڌ جي ستن سورهين ۾ پهريون سردار آهي، هن جي دور ۾ ڪنهن به هاٽو ڪي همت ڪونه ٿي جو هن جي علائقي يا آسپاس جي علائقن مان ڌڻ ڪاهي يا وڳ هٽي وڃي.“ (8)

سندس قائم ڪيل راڄواڙن ۾ سڀ ماڻهو امن امان سان رهندا هئا، بداماڻي پُنري ڪان پوءِ انهن راڄن ۽ پاڳن ڪيس ڏاڍو ساريو،سندس راڄن ۽ پاڳن جا ماڻهو ٻُداماڻي پُنري جي اڪيون پورڻ ڪان پوءِ جڻ ته يتيم ٿي ويا ۽ دشمنن جي ڌهڪاءُ ڪين جهوري وڌو ۽ ٻراڙئي ڪوٽ جي ڏٽي ڪي سارڻ لڳا. شاهه لطيف جو هي اهڙو نرالو ڪردار آهي، جنهن کي شاهه لطيف سر ڏهر جي هينين بيتن ۾ مسلسل سڏ ڪندي ماڻهن جي حالتن جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪردار کي سڏ ڪري پڪارڻ سان ان جي انفراديت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. شاهه لطيف انهن جي آهه ۽ پڪار کي هينئن بيان ڪري ٿو ته:

اڄ گهرجين يار، ٻُداماڻي پُنرا،
ڪاڇي پيئي پار، اڇي ويرين ويڙهيا.
(ٻانهون خان شيخ، سر ڏهر، 09:08)

هتي شاهه لطيف ان وقت جي سماج جي منظر ڪشي ڪئي آهي ته ڪيئن نه پنري جي وفات کان پوءِ ان کي سارينديي ماڻهو کهڙي ڪيفيت مان گذري رهيا آهن. مٿين شعر ۾ ماڻهن جي ڪيفيت مدد طلب ڪندڙ آهي ۽ اُنهن جي نظر ۾ اڄ سندن مدد ڪرڻ وارو ڪير به نه آهي ۽ اهي اهو به چون پيا ته ڪاش پنرو بداماڻي اڄ هتي اچي وڃي ۽ سندن مسئلا حل ٿي وڃن.

اڄ گهرجين تون، ٻُداماڻي پنرا،
مٿان اچي مون، ويرين واٺون لائيون.
(ٻانهون خان شيخ، سر ڏهر، 11:08)

هن شعر ۾ به اهڙي ئي منظر جو ذڪر ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي ته ماڻهن کي ويرين پريشان ۽ تنگ ڪيو آهي، اُهي پنري کي ساري رهيا آهن. هن شعر ۾ ماڻهن جي بيوسيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪيئن نه هڪ شخص جي وڃڻ سان سماج ۾ ڪيترو فرق پوي ٿو.

بداماٽي پنري جي وڃڻ سان نہ صرف ماڻهن تي اثر پيو پر شاهہ لطيف بداماٽيءَ جي وڃڻ کان پوءِ ان جي جوءِ ۾ ايندڙ پکين کي بہ خبردار ڪري ٿو تہ توهان خيال سان داڻو پاڻي چڳجو، ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو اوهان ڪنهن شڪاريءَ جو شڪار ٿي وڃو، پنهنجي سماج جي هر هڪ شئي جي رکپال هجڻ جي ڪري پنري جي حيثيت تاريخي بڻجي وڃي ٿي. جيئن هن بيت ۾ ٻڌايل آهي تہ :

چيتا ڪئو چٽيج، بداماٽيءَ ٻٽ ۾،
نيٽين نندڙ م ڏيج، چيڙون چپر آئيون.

(نبي بخش بلوچ، سر ڏهر، 05:05)

هي ڪردار وطن دوستيءَ ۽ وطن جي ماڻهن سان گڏ ٻيهڻ واري منفرد راويت سبب انتهائي اهم تصور ڪيو ويو آهي. تاريخي حوالا اها ڳالهہ ثابت ڪن ٿا تہ سندس دور انتهائي خوشحالي ۽ امن وارو دور هو، سندس زماني کي سارينديِ ماڻهوءَ پنري کي پڪاريندا هئا.

هي اهي اهم تاريخي ڪردار هئا، جن جو لاڳاپو سنڌ سان آهي ۽ جن جو ذڪر شاهہ لطيف سر ڏهر ۾ نالو کڻي ڪيو آهي. هيٺ انهن ڪردارن جو ذڪر آهي، جن سان شاهہ لطيف علامتي طور سر ڏهر ۾ بيان ڪري انهي جي اهميت تي روشني وڌي آهي.

## ڪنڊي جو وڻ :

هيءُ وڻ ٿر واري ڀاڱي ۾ عام جام ٿئي ٿو، لوڪ ادب ۾ هن جي عمر تمام وڏي ٻڌائي وئي آهي. هن وڻ ۾ اونهاري جي مُند ۾ سگر ٿئي ٿو. جنهن جي ڀاڃي بہ رڌي ويندي آهي تہ چوپائي مال کي بہ کائڻ لاءِ ڏنو وڃي ٿو. شاهہ جي رسالي جو هي هر ڪردار مختلف حوالن سان اهيمت جو ڳو آهي. پريتم پياسي پنهنجي ڪتاب ’شاهہ جي رسالي جي نباتات‘ ۾ ڪنڊي بابت لکي ٿو تہ :

”هي وڻ تمام ڪارائتو آهي. ٿر جي ماڻهن توڙي جانورن جي لاءِ هي وڻ ڏاڍو ڪمائتو آهي. هي وڻ ٻج رستي پيدا ٿيندو آهي. ٿر ۾ خاص ڪري ڪاڇڙ جي علائقي ۾ ڪثرت سان ٿيندو آهي. هي وڻ سنئين ۽ سخت زمين ۾ پٽن جي چوٽين، ڏهرن ۽ خاص ڪري ڪوهن ۽ ترائين جي آس پاس جام ٿيندو آهي.“ (9)

INTERNATIONAL PREMIER JOURNAL OF LANGUAGES & LITERATURE (IPJLL)
VOLUME 4, ISSUE 1, 2025 p-ISSN: 3007-2336 e-ISSN: 3007-2344

شاهہ لطيف پنهنجي ٿر جي سفر دوران ڪنڍي جي وڻ کي جهجهي تعداد ۾ ڏٺو هوندو، انڪري ئي شاهہ لطيف ڪنڍي وڻ وٽ ٻيهي ان سان ماضيءَ جو پچارون ڪري ٿو تہ :

ڪر ڪي ڳالهڙيون، ڪنڍا ڍور ڏٺين جون،
ڪنهن پر راتڙيون، ڪنهن پر ڏينهن گذاريين.

(ٻانهون خان شيخ، سر ڍهر، 01:01)

هن بيت ۾ شاهہ لطيف ڪنڍي جي وڻ کان 'ڍور' جي سڪي ويل وهڪري جي اڳوڻن ڏٺين جون خبرون پڇي ٿو. انهيءَ کان پوءِ ٻي سٽ ۾ ڪائنس اهو بہ پڇي ٿو تہ سندس ڏينهن ۽ راتيون ڪيئن پيا گُذرن ڇو تہ هاڻي ڍور جو وهڪرو سُڪي ويو آهي، اتي جا ڏٺي ناهن رهيا ۽ ڪو بہ ملاح يا وڻجارو ناهي. ڪنڍي جي لاءِ هي اڪيلائيءَ واري صورتحال آهي جنهن کي محسوس ڪندي شاهہ لطيف هي شعر تخليق ڪيو آهي. ان سان گڏ هن بيت ۾ ڪنڍي کي ميار ڏئي ٿو تہ :

ڪنڍا! تو وٽان سڄ ڪ سيڻن لڏئو ؟
ميڙ تو مٿان، ڇٽئو پوئي ڇُڳيين !

(ٻانهون خان شيخ، سر ڍهر، 03:01)

عام طور تي ائين ٿيندو آهي تہ سيڻ يعني دوست جي وڃڻ کان پوءِ انسان رنج واري صورتحال ۾ هجي ٿو، پر هتي شاهہ لطيف کي ڪنڍي جي حالت ڏسي اها ڳالهہ محسوس ٿئي نہ ٿي ٿئي تہ هتان کي ماڻهو لڏي ويل آهن. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ ڪنڍي جو وڻ سُڪي وڃي ها. پر هتي تہ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي الٽو ڪنڍي جي وڻ ۾ سڱر ڇڳا ڪري ڇٽي پيو ۽ هو پنهنجي موج ۾ آهي.

## ڪونج :

هي پکي سنڌ ۾ روس جي ٻيلي سائيبيريا کان ايندو آهي. هن پکيءَ کي سنڌي، اردو، هندي، سرائيڪي ۽ ٻين ٻولين جي لوڪ توڙي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ ڳايو ويو آهي. بدر ابڙو پنهنجي ڪتاب 'سنڌ جي جهنگلي جيوت' ۾ هن پکي بابت ڄاڻ ڏيندي لکي ٿو تہ :

”120 سينٽي ميٽر جسامت واري هيءَ سليٽي سرمائي ڪونج سنڌي ۽ پنجابي شاعريءَ ۾ سهڻي عورت، ۽ وطن کان وڇڙيل ماڻهوءَ جي علامت طور گهڻي ڳائي وئي آهي. ان جي سِسي اڌ ڳچيءَ تائين ڪاري ٿئي ٿي. هڪ ڳاڙهي چوٽي اکين جي پويان کان شروع ٿئي ٿي، ڳچيءَ جي پاسن کان هيٺ اڇو پٽو هوندو اٿس. چهنب پيلي، ٽنگون سرمائي ڪاريون ۽ ڪڙ وانگر مڙي دار وريل پڇ ٿئيس ٿو.“ (10)

هر سال هزارن جي تعداد ۾ ايندڙ هي پکي سنڌ ۾ اچي ماريءَ جي هٿان شڪار ٿيندو آهي. سنڌ ۾ هن خوبصورت پکيءَ جي بچاءُ لاءِ سرڪاري ۽ غير سرڪاريءَ سطح تي تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون ويون آهن، پر ان جي باوجود به هن پکيءَ جي شڪار ۾ ڪنهن به قسم جي گهٽتائي نه اچي سگهي آهي. شاهه لطيف هن پکيءَ کي سندس ننڍي نالي يعني ’ڪونجڙي‘ سان سڏيو آهي، سر ڏهر جو هڪ بيت آهي ته :

وڳر وٺا وهي، ڪالهه تنهنجا ڪونجڙي،
ڪنديںءَ ڪوهه رهي، سر ۾ سپيرين ري.
(ٻانهون خان شيخ، سر ڏهر، 04:05)

هن بيت ۾ شاهه لطيف ڪونجن جي انهيءَ سفر بابت ٻڌايو آهي، جيڪي هو موسم ختم ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ملڪ طرف ڪن ٿيون. چو ته هن بيت ۾ لطيف ڪيس صلاح ڏئي ٿو ته تنهنجا جيڪي به وڳر هتي آيا هئا سي سڀ هتان کان نڪري ويا آهن ۽ تون هتي چو رهي پئي آهين. تو کي به جلد کان جلد هتان نڪري وڃڻ گهرجي، ان سان گڏ هن شعر ۾ شاعر ڪونج پکيءَ کي پنهنجي وڳر سان گڏ ٿيڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

هي بيت وري سندس سفر جي شروعات کي بيان ڪرڻ سان گڏ ان جي وطن بابت ٻڌائيندي ڪونج پکيءَ جي اتر کان هتي اچڻ واري سفر بابت شاهه لطيف چئي ٿو ته :

وطن سندن روهه، هت قسمت آنديون ڪونجڙيون،
ڪنهنجو ڪونهي ڏوهه، رزق رازق هٿ ۾.
(ٻانهون خان شيخ، سر ڏهر، 10:05)

روهه يعني جبل آهي، روس جي برفاني سلسلي کان ايندڙ ڪونجون جيڪي ڪيئي ڪلوميٽر مسافري طئہ ڪري مناسب موسم ۽ کاڌي جي تلاش ۾ اچن ٿيون. هتي پکين جي انهيءَ جابلو وطن جو ٻڌايل آهي، جتان سندن مسافريءَ جي شروعات ٿئي ٿي.

## ماري:

عام طور تي چيو ويندو آهي تہ ’ماريءَ جي گھر ۾ هڏن کان سواءِ ڪجھ بہ ناهي هوندو‘ يعني جيڪو شڪاري هوندو آهي ان جي حالت خراب هوندي آهي. هو روز شڪار ڪري ٿو ۽ فطرت سان ڇيڙ ڇاڙ جي نتيجي ۾ سندس زندگي سُکي ستابي نہ گذرندي آهي. جيڪي ڪونجون پنهنجي ڪاڏي جي تلاش ۾ هتي اچن ٿيون، تن ڪي وري گھڻي کان گھڻو خطرو ماريءَ کان هوندو آهي. لطيف ماريءَ کي بد دعا ڏيندي چئي ٿو تہ :

ماري مرين شال، ڍٻ پڇنئي ڍٻيون،
جنهن تو اچي ڪالهہ، وڏو وچ ورهن کي.

(ٻانهون خان شيخ، سر ڏهر، 10:05)

هن شعر ۾ شاهہ لطيف ماريءَ کي بد دعا ڏيندي ان کي مري وڃڻ جو پاراتو ڏئي ٿو. انهيءَ سان گڏ سندس ڍٻ ۾ ڍٻيون يعني دام ۾ ڪوڙڪيون بہ ٽٽي پون، جنهن سان هڪ تہ شڪار جو خاتمو ٿي ويندو ۽ ٻئي طرف هي سهڻو پکي شڪارين کان بچي پوندو. هيءُ هڪ ماحول دوست شاعر جي خوبي آهي، جنهن کي معصوم پکين جو شڪار ڪندڙ ماري بلڪل بہ پسند ناهي. شاهہ لطيف اهڙي ڪردار کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسي ٿو، پکين ۽ ماحول سان اهڙي همدريءَ بابت ڊاڪٽر شير مهراڻي ان باري ۾ لکي ٿو تہ :

”شاهہ لطيف هن سر ۾ ماحوليات جي حوالي سان ٻن طرحن سان پکين سان همدردي ڪئي آهي. هڪ تہ هن کي ڏک آهي جو پاڻي گھٽجي ويو آهي ۽ زمين سُڪي وڃڻ سبب پکين جا پير زخمي ٿي پون ٿا. ٻيو تہ هو شڪار جي سخت خلاف آهي.“(11)

ماريءَ کي هڪ ٻئي بيت ۾ شاهہ لطيف ميرن ڪپڙن وارو سڏي ان سان نفرت جو اظهار ڪري ٿو تہ :

بغل منجھ بندوق، ماريءَ ميرا ڪپڙا،
مارئو مير ملوڪ، لتاڙئو لڪ چڙهي.

(ٻانهون خان شيخ، سر ڏهر، 23:05)

هي انهن مارين ڏانهن لطيف جو ماحول دوست رويو آهي، جنهن ۾ ڪين سٽي نظر سان ناهي ڏٺو ويو، چو ته هڪ طرف هو معصوم ۽ مهمان پکين جو شڪار ڪن ٿا، جيڪي اجهي جي آسري سوين ميلن تان پنڌ ڪري سنڌ اچن ٿا. شاعر جو هي اظهار شاعراڻي هجڻ سان گڏ ماحول دوستيءَ وارو آهي.

## سنگھار :

هي ڪردار علامتي طور انهن ماڻهن جو آهي جيڪي مالوند آهن. جڏهن لاڪي ڦُلاٽي پنهنجي ڏاڍ سبب هر هنڌ ڌاڙا هڻڻ شروع ڪيا ته سنگھارن کي تڪليف ٿي پئي، چو ته سندن گذر سفر جو واحد وسيلو چوپايو مال ئي هو. ان وقت مال جي اهميت تمام گھڻي هُئي.

جوهر بروهي پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته :

”سنگھار جيڪي مال ڌاري وس تي لڏپلاڻ ڪندا آهن. جتي وس ٿئي، سنگھار اتي وڃي اڏين.“ (12)

ڪاچي پيئي ڪُوڪ، سچ ڪ سنگھارن لڏئو،
مادر هئا ملوڪ، اُتي وٺڙا اُڪري.

(پاڻهون خان شيخ، سر ڏهر، 02:06)

## مڇ :

هي پاڻيءَ جو جانور آهي، شاهه لطيف هن ڪردار کي علامتي طور پيش ڪري پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳھ ڏني آهي. هن کي عام لفظن ۾ مانگر مڇ يا واڱون به چيو ويندو آهي. بدر ابڙو هن جانور جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندي لکيو آهي ته :

”سنڌ يا سڄي هند جو هي واڱون، دنيا جي ٽن وڏن واڱن مان هڪ آهي. بيا وڏا واڱون هڪ نيل درياهه جو ۽ بيو هند پئسفڪ واڱون آهي. سنڌي واڱونءَ جو بيو نالو Marsh Crocodile آهي. جيڪو بنگال، اتر هندستان، نيپال، سنڌ ۽ ان کان پري اوڀر ايران تائين ملي ٿو.“ (13)

هن ڪردار کي شاهه لطيف پنهنجي موهه سبب پنهنجو ماضيءَ ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته تون جنهن وقت پنهنجي موهه ۾هئين ان وقت پاڻي هو، هاڻي هي پاڻي هجڻ جا آخري ڏهاڙا آهن. لطيف چئي ٿو ته :

متو آهين مڇ، ٿلها ٿو ٿونا هڻين،
تو جا ڏني اڇ، تنهِ پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا.

(ٻانهون خان شيخ، سر ڏهر، 01:02)

مڇ کي تنبيهه ڪندي شاهه لطيف چئي ٿو تہ تون مڇيون ڪائي پنهنجو پيٽ پري ويٺو آهين ۽ اهڙي موهه سبب هر شئي کي ٺڪر هڻي رهيو آهين، پر اڄ يا سڀاڻ اهو پاڻي ختم ٿيڻ تي آهي. جيڪا اڇاڻ تون ڏسي رهيو آهين اها ان ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿي تہ جلد سوڪهڙو ٿيڻ وارو آهي.

**نتيجو :**

شاهه لطيف جي سُر ڏهر جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ اسين نتيجي طور اهو سمجهي سگهون ٿا تہ شاهه لطيف جي هن سُر ۾ ڪيترائي ڪردار اسان جي سامهون آيا آهن. انهن ڪردارن کي اسان ٻن حصن ۾ ورهايو آهي، هڪڙا اهي ڪردار آهن جن کي لطيف سندن نالي سان پنهنجي رسالي ۾ جڳهه ڏني، تہ ٻيا وري اهي ڪردار آهن: جيڪي شاهه علامتي طور ڳايا آهن.

شاهه لطيف لاکي ڦُلاڻيءَ کان ويندي جسوڏڻ آڳڙيي تائين وقت جي انهن نامور ڪردارن کي ڳايو آهي، جيڪي ان وقت جي سماج تي پنهنجو اثر رکندڙ هئا. انهن ڪردارن پنهنجي اثر سبب سماج ۾ پنهنجي پاڻ کي جيئرو رکيو ۽ جڏهن شاهه لطيف ٿر ۽ ان جي آسي پاسي آيو تہ اهڙن ڪردارن بابت ماڻهن کان ٻڌائين ۽ انهن کي پنهنجي ڪلام ۾ جڳهه ڏنائين. ايتري قدر نہ رُڳو جيئرا ڪردار پر ڪنڊي جي وڻ جهڙن ڪردارن سان بہ گفتگوءَ ڪري انهن کان ماضيءَ بابت پڇي شعر تخليق ڪيو اٿائين.

## حوالا


(1) يوسفاڻي، معمور، ڀٽائيءَ جو مطالعو مرتب : ڊاڪٽر اسد جمال پلي، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڊسمبر 2005، ص : 43

(2) ميگهواڙ ڦُلو سندر، ڊاڪٽر، نوري، ناري ۽ عدم، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنـڌ، سال لکيل ناهي، ص : 160 ۽ 161

(3) سوڍو، ڊاڪٽر شاهنواز، شاهه عبداللطيف جي سر ڏهر جو تاريخي پسمنظر، سر ڏهر، مرتب : ڊاڪٽر نواز علي شوق، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه - حيدرآباد، 1989ع، ص : 91

(4) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، لاکو ڦُلاڻي، لاکو ڦُلاڻي، مرتب : قاضي مقصود احمد، لاکو ڦُلاڻي پبليڪيشن، نواب شاهه، لاڪا آباد، 2009ع، ص : 45

(5) قريشي، عبدالحفيظ، ڊاڪٽر، شاهه عبداللطيف جي ڪلام جو سماجي - تحقيقي اڀياس، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ، 2021ع، ص : 143

(6) يوسفاڻي، معمور، لطيف جا ٽر تان ڀيرا، مهراڻ اڪيڊمي، واڳٽو در شڪارپور، آڪٽوبر 2001ع، ص : 42

(7) ڪاشف، محمد حسين، کرا ويڙ ڪنگهار کي، سر ڏهر، مرتب : ڊاڪٽر نواز علي شوق، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه - حيدرآباد، 1989ع، ص : 84_85

(8) يوسفاڻي، معمور، سر ڏاهر جو مطالعو سر ڏهر، مرتب : ڊاڪٽر نواز علي شوق، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه - حيدرآباد، 1989ع، ص : 61

(9) پياسي، پريتم، شاهه جي رسالي جي نباتات، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڊسمبر 2013ع، ص : 13

(10) ابڙو بدر، سنڌ جي جهنگلي جيوت، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو ٻيو جنوري 2017ع، ص : 113

(11) مهراڻي، شير، ڊاڪٽر، 'شاهه جي رسالي جي سُر ڏهر ۾ موجود ماحوليات دوستيءَ جو تصور'، ڪلاچي تحقيقي جرنل، ايڊيٽر : پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين، جلد 27، شُمارو - 2 ، ڪراچي : شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي - ڊسمبر 2024ع، ص : 6

(12) بروهي، جوهر، ڪر پچار پرينءَ جي، سر ڏهر، مرتب : ڊاڪٽر نواز علي شوق، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه - حيدرآباد، 1989ع، ص : 213

(13) ابڙو بدر، سنڌ جي جهنگلي جيوت، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو ٻيو جنوري 2017ع، ص : 167


***نوٽ : مقالي ۾ آيل بيت شاهه جي هيٺين رسالن مان ورتل آهن.***

1. شاهه جو رسالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مڪمل 36ئي سُر، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، نئون ڇاپو 2015ع.
2. شاهه جو رسالو ڀانهون خان شيخ، جلد ٽئو شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، اپريل 2002ع.